آزاد قاضي

# جنب گذاريم جن سين:
# سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

***Abstract***

**My Life….Spent with those…..Co-thinkers.**
**An important source material of History of Sindh**

*The present paper is considered as an important source material on the biographical history of Sindh.*

*The book titled, ‘My life spent with those personalities’, whose number is 176 and is spread in two volumes.*

*The writer, G.M. Syed has remained as the main character of nineteenth century who has seen, politics, economics, literary and social life with his own eyes.*

*The historical and political upheavals, during British rule in the Sub-continent, and general and in Sindh in particular have taken place and he has played pivotal role in those.*

*Later on, when was forcibly placed behind the bars, G. M. Sayed decided to write, biographical, historical, social, literary account, which appeared in a number of books. This is one of the important book in two volumes which present detailed life portrayals of 176 persons pertaining to various walks of life. It is an important source material on the contemporary period of sub-continent which is worth reading, preserving and useful for researchers.*

*The paper also includes comments from eminent writers about the pair of this book.*

**سائين** جي.ايم.سيد جي زندگي سياسي، سماجي، مذهبي، ثقافتي ۽ علمي ادبي حوالي سان مختلف شعبن ۾ ورهايل پئي رهي آهي، جنهن دؤران مختلف شعبن سان لاڳاپيل ڪيترين ئي شخصيتن سان سندس واسطو پيو. اهڙين نامور ۽ گمنام شخصيتن جي باري ۾ سيد صاحب هن ڪتاب ۾ سوانحي طرز تي معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سيد صاحب جنهن انداز ۾ ۽ ايمانداريءَ سان انهن شخصيتن طرفان سنڌ جي ماحول ۾ ادا ڪيل ڪردار کي قلمبند ڪيو آهي، ان کي ڏسڻ کان پوءِ اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته، سنڌي علم ۽ ادب، تواريخ، ثقافت توڙي سياسي معلومات واري حوالي سان هي ڪتاب سنڌي ادب جو هڪ نهايت اهم قيمتي ماخذ آهي. سيد صاحب کي هن ڪتاب لکڻ جو خيال ڪيئن آيو، ان جو ذڪر ڪندي پاڻ لکي ٿو:

"زندگي هڪ عجيب تگ و دو جو ميدان آهي، جنهن ۾ سارو وقت انسان روزمره جي ڪشمڪش ۾ گذارڻ بعد جڏهن ماضيءَ تي نظر ٿو ڪري، ته ان ساري زندگيءَ سرگذشت جون صرف اڻ لکيون يادگيريون باقي رهن ٿيون. لکها انسان اهي سندن به رڪارڊ ڇڏڻ کان سواءِ، گذر ڪري وڃن. ڪي آهن، جي انهن کي قلمبند ڪريو، پوين جي معلومات لاءِ ڇڏين ٿا." (1)

سيد صاحب جي گهڻ رخي عملي زندگيءَ جي شروعات 1919ع کان ٿي، جنهن ۾ سندن چوڻ موجب:

"دوستن سان ڪچهريون ۽ ملاقاتون، ادبي محفلون، موسيقيءَ جون مجلسون ڳوناٽن سان رهاڻيون، سياسي مشغوليون، مطلب ته زندگيءَ جي مصروفيتن ۾ وقت ائين گذري ويو آهي، ڄڻ ته هڪ وڏو خواب هو." (2)

سيد جي ان گهڻ رخي خواب آلوده زندگيءَ ۾، 1958ع واري مارشل لا وقت جڏهن پهريان جيل ۽ پوءِ گهر ۾ نظربنديءَ وارو دور شروع ٿيو، تڏهن، "ويٺي کان ورت يلو" واري ڳالهه کي نظر ۾ رکندي، سيد صاحب پنهنجي ان گذريل دؤر واري گهڻ رخي زندگيءَ جي حالتن ۽ واقعن کي ايندڙ دؤر جي پڙهندڙن لاءِ قلمبند ڪرڻ ضروري سمجهيو، ان ڪري سندس لکڻ موجب:

"جڏهن چند سال نظربنديءَ ۾ گذارڻا پيا، ته ان موقعي جو فائدو وٺي، فيصلو ڪيم ته آئينده وقت، گذريل زندگيءَ جي تجربن، پرايل نتيجن، يارن دوستن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي مجلسن ۽ زماني جي شڪستن ۽ تڪليفن مان پرايل سبقن جي احوالن کي قلمبند ڪري مستقبل جي تاريخ نويسن لاءِ مواد ميسر ڪريان.“ (3)

اهڙيءَ ريت واندڪائيءَ واري وقت کي سجايو ڪرڻ لاءِ سيد صاحب هڪ جامع ڪتاب ’پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني‘ لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ لازمي طور انهن شخصيتن جو ذڪر به آيو پئي، جن سان سيد صاحب زندگيءَ جا مختلف دؤر گذاريا هئا. اهڙي ريت سيد پنهنجي زندگيءَ بابت لکيل ان وسيع ڪتاب ۾ مختلف جاين تي اهڙن ڪردارن جو مختصر احوال پڻ ڏنو آهي، جن سان ڪين زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هو. اڳتي هلي ان مواد کي جامع ڪري موجوده ڪتابي شڪل ۾ آندو ويو. سيد صاحب هي ڪتاب قلمبند ڪري، جنهن قسم جي معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان جي تاريخي اهميت ۽ افاديت جي مد نظر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو چوڻ آهي ته:

”منهنجو ايماندارانه رايو آهي ته سوانح عمرين جي روپ ۾ لکيل ۽ آتم ڪهاڻيءَ ۽ سوانح عمري نويسيءَ کي گڏيل صورت ۾ پيش ڪيل ’جنب گذاريم جن سين‘ ڪتاب، هڪ اهڙو معياري ۽ معلوماتي ڪتاب آهي جنهن کي سامهون رکي، مختلف مضمونن جا ماهر، پنهنجن پنهنجن تحقيقي مضمونن لاءِ وڏو مواد هٿ ڪري سگهن ٿا. خصوصاً سنڌ توڙي ننڍي کنڊ جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي تاريخ تي تحقيق ڪندڙ محققن کي هن ڪتاب مان ڪافي ڪجهه مواد ملي سگهي ٿو.“(4)

مستقبل جي تاريخ نويسن لاءِ ماخذ طور مواد مهيا ڪندڙ هن ڪتاب ۾ آيل مواد بابت سيد صاحب پاڻ اظهار ڪندي لکي ٿو:

”(هن ۾ چند اهڙن) بزرگن، دوستن ۽ سياسي رفيقن جي زندگيءَ جو احوال لکيو اٿم، جن سان محفلون ۽ ملاقاتون رهيون آهن يا مختلف مشاغل ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. هتي هن ڪتاب ۾ مختلف اصحابن جي زندگيءَ جي احوال کي سهيڙيان ٿو.“ (5)

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته هن ڪتاب جو مواد شروعات ۾ هڪ ٻئي ضخيم ڪتاب ’پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني‘ جي مختلف بابن ۾، مختصر طور پيش ڪيو ويو، پر اڳتي هلي سيد صاحب کي هن نوعيت واري جامع ڪتاب تيار ڪرڻ جو خيال آيو، جنهن ۾ گذريل دور جي عام توڙي خاص شخصيتن،ان دؤر جي واقعن ۽ حادثن جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

روشنيءَ ۾، اڻ سڌي طرح تاريخ قلمبند هجي. جيتوڻيڪ ان دؤر سان سيد صاحب جي پنهنجي پڻ گهري وابستگي رهي ۽ ان دؤر ۾ پيش ايندڙ اڪثر واقعن ۾ سيد جو پنهنجو سڌو واسطو پڻ رهيو، پر پوءِ به ان جي مواد کي ايندڙ دؤر جي تاريخدانن لاءِ مستند مواد طور پيش ڪرڻ، خاص طور تي ان حالت ۾ جڏهن لکندڙ نظربند هجي ۽ سندس گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۽ عام ماڻهن سان ملڻ تي به پابندي هجي، ان صورتحال ۾ مواد هٿ ڪرڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم هو. پر تنهن هوندي به سيد صاحب پنهنجي پراڻن لڳ لاڳاپن ۽ تعلقاتن جي آڌار تي مواد هٿ ڪري، هڪ مستند ڪتاب تيار ڪيو. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته مٿي ذڪر ڪيل نظربنديءَ واري صورتحال ۾ سيد صاحب مواد ڪيئن هٿ ڪيو ۽ ان کي ڪيئن مستند بڻايو ۽ ان مواد هٿ ڪرڻ جا وٽن ڪهڙا ذريعا هئا.

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته هي ڪتاب سوانح عمري ۽ آتم ڪهاڻيءَ جو امتزاج آهي. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ڏسجي ٿو ته سيد صاحب وٽ هن ڪتاب جي مواد تيار ڪرڻ جا هيٺيان ٽي ذريعا هئا:

i. ذڪر ڪيل شخصيتن جي خانداني پسمنظر يا حالات زندگيءَ بابت مختلف ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل مواد جو مطالعو.

ii. مواد جي تياريءَ وقت جيڪي شخصيتون حال حيات هُيون، تن کان سندن خانداني پس منظر ۽ حالات زندگيءَ بابت خطن رستي يا پنهنجو نمائندو موڪلي مواد هٿ ڪرڻ.

iii. ذڪر ڪيل شخصيتن سان پنهنجي وابستگي، لڳ لاڳاپا ۽ مختلف موقعن تي ادا ڪيل ڪردار بابت لکيل يادگيريون.

جيتوڻيڪ مواد جي لحاظ کان ٽيون نمبر نقطو هن ڪتاب جي لکڻ ۾ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيو هوندو، پر پوءِ به مجموعي طور مٿي ذڪر ڪيل طريقن سان سيد صاحب مواد هٿ ڪري، ان کي ماخذ طور استعمال ڪندي، پنهنجي لڳ لاڳاپن ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ هي ڪتاب تيار ڪيو، جيڪو سندس اپياس ۽ مشاهدي جو نچوڙ هئڻ ڪري، هڪ قسم جو مستند مواد مهيا ڪندڙ ڪتاب ٿي پيو. هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو، مؤرخ سنڌ پير حسام الدين راشديءَ جي ڪتاب بابت ڏنل هيٺين راءِ مان لڳائي سگهجي ٿو. پير صاحب يادگيرين تي مشتمل تحقيقي مواد جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”انهيءَ (ڏس) ۾ سڀ ڪنئون پهرين جي.ايم.سيد ٻن جلدن ۾ ’جنب گذاريم جن سين‘ لکيو آهي، تنهن ۾ انهيءَ سڄي زماني ۽ انهن سڀني ماڻهن جو هن ذڪر ڪيو آهي جن سان هو اٿيو ويٺو، گڏ گهميو يا رهيو آ، بيحد مفيد، بيحد قيمتي ۽ آئنده نسلن جي تاريخ جي لاءِ مستند دستاويز آهي.“ (6)

پير حسام الدين راشدي سنڌ جي جديد تاريخ ۾ وڏو مقام پيدا ڪندڙ ۽ سائين جي.ايم.سيد جو همعصر عالم هو، ڪيس سيد صاحب جي لکيل ڪيترين ڳالهين جو اکين ڏٺو شاهد هئڻ وارو شرف پڻ حاصل هو. ان ڪري، سيد جي مواد لاءِ سندس قائم ڪيل مٿين راءِ وڏيڪ ڪارائتي ۽ مستند چئي سگهجي ٿي.

هن ڪتاب ۾ سيد صاحب پاران اختيار ڪيل بيباڪيءَ ۽ سچائيءَ واري انداز جو اعتراف مخدوم طالب المولىٰ پڻ هيٺين لفظن ۾ ڪري ٿو:

”اوهان جيڪي بہ لکيو آهي ’جنب گذاريم جن سين‘ ڪتاب ۾ اهو بجاءِ ناپسنديءَ جي پسند ڪيو اٿم. ڇو تہ جيڪي ڏٺو ۽ سمجهو، اهو بي حجابيءَ سان لکيو اٿو. جيڪڏهن لکڻ ۾ اهڙين ڳالهين ڪي لڪايو ها تہ پوءِ واقعي ناپسند ڪريان ها. اوهان جي انهيءَ مذڪوره ڪتاب جي عظيم خوبي آهي ئي اها تہ ڪنهن جي، ڪنهن بہ ڳالهہ تي بہ، جا لکڻ چاهي اٿو، اها بيباڪيءَ سان لکي اَٿوَ.“ (7)

لکڻ ۾ جڏهن سچائي ۽ بيباڪيءَ وارو انداز اختيار ڪبو تڏهن، ڪي ڳالهيون ڪن ماڻهن کي نہ وڻنديون جو، اهڙو ئي حال مخدوم صاحب جي معاملي ۾ پڻ نظر اچي ٿو. مخدوم طالب المولىٰ جتي هن ڪتاب ۾ سيد صاحب جي اختيار ڪيل بيباڪيءَ واري طريقيڪار کي پسند ڪيو، اتي ساڳئي وقت ان ۾ سندس والد بابت لکيل هڪ نقطي تي اعتراض ڪندي اهو پڻ لکيو آهي تہ:

”محمد فقير بابت جيئن لکيو اٿو، اُهو صرف اوهان ٻين کان ٻڌل احوال لکيو آهي. منهنجي والد جي فقيري، سياحت ۽ مئي نوشي وغيره محمد فقير جي واقفيت کان گهڻو اڳ جي ڳالهہ آهي ۽ ٻڌڻ بعد اوهان حيرت کائيندا تہ ماڻهن دانستہ ۽ نادانستہ طور ڪيئن نہ حقيقت تي پردو ڏئي ڇڏيو آهي. آءٌ چاهيان ٿو هر اها ڳالهہ ايئن پيش ٿئي، جا جيئن آهي.“ (8)

اهڙيءَ ريت سيد صاحب جي ڪجهہ خيالن سان ڪن ماڻهن کي اختلاف پڻ رهيا، پر پوءِ بہ مجموعي طور سندس هي ڪتاب هڪ بي بها تحقيقي ڪم آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سندس هڪ ويجهي دوست محمد امين ڪوسي ڪيس هڪ خط ۾ لکيو:

”مڪتوب گرامي بمع تنهنجي ڪتاب جي مسودي جي باعث صد افتخار ٿيو. بيحد بيچين آهيان تہ انهن ڪتابن جي ڇاپڻ جي نوبت ڪڏهن ايندي، تنهنجا لکيل آهن، اُن ڪري وڏي نعمت آهن. بعض خيالات جي اصلاح بہ ضروري هئي، پر في الوقت اُنهن جو شايع ٿيڻ اشد ضروري آهي. خيالات ڇا بہ آهن، آهن تہ جي. ايم. سيد جي قلم مان! منهنجو تو بابت لکڻ، علمي موضوع ۽ مضمون نہ آهي.“ (9)

سيد صاحب جي هن ڪتاب ۾ سنڌ بابت مختلف حوالن سان گهڻ پاسائون ايترو تہ مواد آيل آهي جو محمد امين خان کي بہ ائين چوڻو پيو تہ:

”تو واري ڪتاب جي مسودي تي نظر وڌم. سنڌ جي سجاڳي گهرجي تہ پڙهہ ’جي. ايم. شاهہ‘، ڇاجيون پروليون ۽ افسانہ نويسي؟“ (10)

ڪتاب جو نالو ”جنب گذاريم جن سين“ مان جيئن تاثر ملي ٿو تہ، هن ڪتاب جو مواد اهڙين شخصيتن بابت آهي، جنهن سان مصنف زندگيءَ جو وڏو عرصو گذاريو ۽ زندگيءَ جي ايتري وڏي عرصي (جنب) ۾ ظاهر ڳالهہ آهي تہ مصنف جو مختلف مڪتبئہ فڪر جي ماڻهن عورتن توڙي مردن سان واسطو رهيو هوندو، انهن ايترن ڪردارن مان، هن ڪتاب ۾ ڪن چونڊ ڪردارن جو ئي ذڪر ڪيل آهي. انهن چونڊ ڪردارن تي نظر وجهڻ سان بہ ان ڳالهہ جو بخوبي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ، سيد صاحب ذڪر هيٺ آيل دور جي هر مڪتبئہ فڪر واري شخص جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ ڪين پڙهائيندڙ استاد (5 شخصيتون)، زميندار ۽ خاندان (چوئيتاليهہ شخصيتون) جن ۾ مشهور زميندار، سردار ۽ ٻيا خاندان شامل آهن، درويش (ڇهہ شخصيتون) قومي ڪارڪن (انٽيهہ شخصيتون) مدبر ۽ سياستدان (ٽيهہ شخصيتون)، اديب ۽ عالم (سترهن شخصيتون)، ناليوارا عملدار (نو شخصيتون) سماجي ڪارڪن (چار-ٽي عورتون هڪ مرد) دوست (ٻہ شخصيتون) ان ڪان علاوہ ’ٻيا بزرگ ۽ واقفڪار‘ عنوان هيٺ سورهن ڪردارن جي زندگيءَ جو احوال ڏنل آهي.

مٿي ڄاڻايل جملي شخصيتن جو تعداد 176 ٿئي ٿو، پر ان جو مقصد اهو بہ ڪونهي تہ سيد سان لاڳاپيل سيني شخصيتن جو هن ڪتاب ۾ جدا مضمون طور ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪيترائي اهڙا اهم ڪردار آهن جيڪي سيد صاحب ڪان رهجي ويا آهن. ڪتاب ۾ پيش ڪيل مواد بابت وضاحت ڪري سيد صاحب لکي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل صاحبن مان ڪيترن سان ملڪي سياست ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جن مان ڪن سان موافقت ته ڪن سان مخالفت پئي رهي. ڪي اهڙيون ڳالهيون لکيون هجنم يا تاثر ظاهر ڪيا هجنم، جي ڪن کي پسند نه پون، پر انسان خطا جو گهر آهي، ۽ پاڻ کي خاطي ڄاڻي، انهن کان اهڙين خامين لاءِ معافي وٺان ٿو.“ (11)

هن ڪتاب ۾ مختلف مڪتبئہ فڪر جي اهڙين شخصيتن جي عمل ۽ ڪردار واري حوالي سان به سيد صاحب پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي، جن مان ڪيترن سان سندس عملي دنيا اختلافن ۽ تضادن سان ڀرپور رهي، پر پوءِ به هن تاريخي دستاويز لکڻ وقت پاڻ انتهائي دانائيءَ سان اختلافي ڳالهين جو سطحي ذڪر ڪندي، اهڙين شخصيتن جي سنڌ ۽ سنڌي سماج لاءِ ادا ڪيل مثبت ڪردار کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو سيد صاحب جو منفرد انداز آهي جيڪو ڪن سخت گير ماڻهن کي شايد پسند نه پوي، ان ڳالهه کي مدنظر رکندي سيد صاحب پاڻ ئي ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

”مون حتيٰ الامڪان سيني کي چڱائيءَ سان ياد ڪرڻ جو نقطئہ نگاهه پيش رکي، سندن احوال قلمبند ڪيا آهن، جنهن ڪري ممڪن آهي ڪي انتهاپسند نوجوان، صحيح حقيقتن جي لڪائڻ جي مون تي تهمت رکي، ناراض ٿين، ته ڪي صاحب وري سندن عزيز مهربانن جي وڌيڪ ساراهه لاءِ متمني هجن.... مون پنهنجي وس آهر موجوده دؤر جي چند ماڻهن جي زندگيءَ کي قلمبند ڪري، مستقبل جي تاريخ نويسن لاءِ مواد ميسر ڪرڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي آهي.“ (12)

سيد صاحب هن ڪتاب ۾ آيل مواد جي سلسلي ۾ هڪ طرف اهڙين ڪن ڳالهين بيان ڪرڻ / تاثر ڏيڻ واري خيال کي نظر ۾ رکندي، مٿي ذڪر ڪيل راءِ پيش ڪئي آهي ته ٻئي طرف مني صديءَ جي اهم واقعن ۾ مختلف شخصيتن پاران ادا ڪيل ڪردار تي ٻڌل هن مواد لاءِ ڪيس اهو پڻ احساس هيو ته ان ۾ ڪن لاڳاپيل شخصيتن جو ذڪر اڻچ کان رهجي ويو آهي ۽ ڪن ذڪر ڪيل شخصيتن جي ادا ڪيل ڪردار بابت سندس اختيار ڪيل موقف سان ڪجهه سختگير سوچ رکندڙ انتها پسند اتفاق نه ڪن، ان ڪري پاڻ مٿي بيان ڪيل ٻنهي نڪتن بابت پيش لفظ ۾ ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي، افسوس جي اظهار طور لکي ٿو:

”مون کي نهايت افسوس آهي ته باوجود گهڻي ڪوشش جي، ڪن دوستن ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بزرگ هستين جي زندگيءَ کي هن ڪتاب ۾، مواد جي ميسر نہ ٿيڻ ڪري، درج ڪري نہ سگهيو آهيان.“ (13)

جن شخصيتن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر نہ اچي سگهيو آهي، انهن ۾ ’پيرپاڳارو‘ ۽ ’پير جهنڊي وارا‘، ’نور محمد وڪيل‘، ’قاضي خدا بخش وڪيل‘، ’قاضي حڪيم عبدالخالق مورائي‘، ’سوامي گووند آنند‘، ’رستم خورشيد سڌوا‘، ’پرنسيپل ٻُتاڻي‘، ’برڪت علي آزاد‘ ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. رهجي ويل شخص پنهنجي دور جا ناميارا ۽ متحرڪ ڪردار هئا، جن سان سيد صاحب جو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان لاڳاپو پڻ رهيو، پر پوءِ بہ مواد ملي نہ سگهڻ ڪري، انهن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر اچي نہ سگهيو. جنهن کي سيد صاحب سَهوَ سمجهندي لکي ٿو:

”سندن احوال هٿ ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪيم، خط لکي موڪليم، ڪن کي روبرو عرض ڪيم، پر احوال ملي نہ سگهيو. ان سَهوَ لاءِ بهرحال معافي طلب آهيان.“ (14)

مواد هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب جيڪي ڪوششون ورتيون، انهن ۾ ڪيس موٽ ڪهڙي ملي، ان ڳالھ جو اندازو شري جيرامداس دولترام جي هيٺين لکت مان لڳائي سگهجي ٿو.

ان سلسلي ۾، سيد صاحب جڏهن شري جيرامداس دولترام کي لکيو، تڏهن جيرامداس کيس جواب ۾ لکيو:

”احوال مئي پڇاڻان لکبا آهن. جيئري پنهنجو احوال يا ڪجھ تفصيلات موڪلڻ مون لاءِ باعث شرم ڳالھ آهي.“ (15)

جڏهن سيد صاحب مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون پئي، تڏهن جيرامداس دولترام جهڙي شخص جو بہ اهڙو رويو هو، پر جڏهن سيد جو ڪلاسڪ نوعيت وارو هي ڪتاب شايع ٿيو ۽ سيد صاحب کيس ڪاپي موڪلي، تڏهن پاڻ 26-02-1968ع تي سيد کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

”اوهان وٽان بہ ’جنبون‘ پهتيون هُيون، چڱيون ڪارائتيون لڳيون. ٻئي ڪتاب (جلد) بلڪل سٺا هئا. ڏاڍي گهڻي محنت ڪيل هئي. ساراھ لائق ڪتاب هئا.“ (16)

اهڙيءَ ريت جيرامداس وانگر لا تعلقيءَ واري رويي اختيار ڪرڻ سبب سندن ڪجھ لاڳاپي وارن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر نہ اچي سگهيو آهي. سيد صاحب رهجي ويل شخصيتن بابت مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڪجھ وقت انتظار ڪري ها ۽ وڌيڪ ڪوشش وٺي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ها، پر زندگيءَ تي ڪو ڀروسو ڪو نہ ٿو رهي، وقت گذرندي ويرم ڪا نہ ٿي لڳي، ان ڳالھ جي مد نظر سيد صاحب لکي ٿو:

”احوال لکندي، اڻ کن دوست انتقال ڪري ويا آهن. ان ڪري وڏيڪ ترسڻ کان سواءِ هٿ ڪيل هڪ سؤ ڇاهتر (176) ماڻهن جي زندگيءَ کي هڪ ڪتاب جي ٻن جلدن ۾ پيش ڪريان ٿو. باقي رهيل دوستن جو مواد ڏيڻ واري خواهش جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ:

”حياتيءَ وفا ڪئي تہ باقي بزرگن جي زندگيءَ جو احوال بہ درج ڪري سگھبو.“ (17)

هي ڪتاب 1967ع ۾ شايع ٿيو. سيد صاحب 1995ع تائين حيات رهيو، انهن اٺاويهن سالن ۾ پاڻ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ٻيا اهم ڪتاب پڻ لکيائين پر جيڪو ڪم رهجي ويو سو رهجي ويو، اهو مڪمل ٿي ڪو نہ سگھيو. تنهن هوندي بہ مشهور محقق ۽ مؤرخ ايم. ايڇ. پنهور صاحب هن ڪتاب کي عالمي معيار جو مستند مواد پيش ڪندڙ ڪتاب تصور ڪري ٿو، سندس چوڻ موجب:

”سٺ سالن جي تاريخ آهي، جنهن ۾ ماڻهو چونڊ ڪيا اٿس، نہ فقط سياسي تاريخ آهي، سوشل تاريخ آهي، اقتصادي تاريخ آهي، اهو سٺ سالن جي دور تي جيڪو ڪم ٿيو آهي، اهڙو فقط مون هڪڙو ڪتاب 'Timipil' جو اڳ ۾ ڏٺو هو. اهو آهي 'Men and events in my life in India by Richard' هن جو ليکڪ رچرڊ ٽيمپل هو. اهو پنهنجي ليکي تمام وڏو ماڻهو هو، انهيءَ معيار جو رڳو اهڙوئي هي ڪتاب مون کي نظر آيو آهي.“ (18)

سيد صاحب جو سوانحي انداز ۾ لکيل ڪتاب 1967ع ۾ شايع ٿيو، ان وقت تائين ورهاڱي جا زخم تازا هئا. سنڌ جي سر زمين کان ڌار ڪيل سنڌي، هند جي سرزمين تي دربدر ٿي ٺوڪرون کائي رهيا هئا، اهڙي ماحول ۾ ماضيءَ بابت گھڻ رخي معلومات مهيا ڪندڙ هي ڪتاب انهن لاءِ ڄاڻ جو بنيادي ۽ اهم ذريعو ثابت ٿيو. ان ڳالھ جو ذڪر ڪندي گنگارام سمرات لکي ٿو:

”اسين اڄ جنهن غير سنڌي ماحول ۾ آهيون تن لاءِ هي سڀ سنڌي مواد نهايت دلچسپ هئڻ سان گڏوگڏ گھڻو ڪجھ پرائڻ ۽ ڄاڻڻ لاءِ ملندو ..... جناب سيد صاحب ڪنهن زماني ۾ ڪراچي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ هو تہ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي

جو وزير بہ هو. شايد ئي کو سياسي ڇچڙ ڪانئس ڇٽل هوندو. هو سنڌ جي سياست جون سڀ نسون ٽپاسيل "سرجن" آهي. ان ڪري هن جو هر لفظ حقيقت ۽ معلومات سان ڀريل آهي." (19)

سيد صاحب جو عملي ميدان جيئن تہ سياست هو ان ڪري هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ زندگيءَ جي هر شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن جو ذڪر ملي ٿو، پر پوءِ بہ ويچاربو تہ مواد ۾ مجموعي طور سياست سان لاڳاپيل، قومي ڪارڪن ۽ سياسي اڳواڻن جو جهجهو تعداد ملندو. سيد صاحب انهن مختلف ڪردارن جي روشنيءَ ۾ ان وقت واري وايو منڊل جي جنهن نموني ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي، ان جي پڙهڻ سان "اسان کي پنهنجي همعصر تاريخ جا ڪيئي رنگ ۽ روپ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان سان گڏ سنڌي سماج جي هاڪاري ۽ ناڪاري رخن تي اڻ ڏريا تبصرا ڪيا اٿس. سيد صاحب جي اختيار ڪيل اهڙي اسلوب کي ڏسندي سندس همعصر ۽ هم شهر شري گنگارام سمراٽ جي لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ:

"ڪتاب هر سڄاڻ لاءِ چڱو رهبر ثابت ٿيندو ڇو تہ 'احوال زندگي' ڏيڻ جي بهاني هن (سيد) صاحب سياست جا ڳنڀير راز بہ سليا آهن." (20)

سيد صاحب جيئن تہ سرگرم ڪارڪن واري ڀرپور زندگي گذاري ۽ سنڌ ۾ هليل هر تحريڪ ۾ اڳيرو رهيو، ان ڪري هن ڪتاب ۾ خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ، ڪانگريس، مسلم ليگ، خاڪسار تحريڪ، پاڪستان حاصل ڪرڻ واري تحريڪ، ون يونٽ ٺهڻ کان وٺي ان جي خاتمي وارن مختلف تحريڪن بابت مستند ۽ معياري مواد ملي ٿو. ان ڪري ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي لفظن ۾:

"سيد صاحب جو هي ڪتاب نہ رڳو سوانحي ادب ۾ ليڪن سنڌ جي تاريخي لٽريچر ۾ پڻ هڪ اهم درجو رکي ٿو. اسان جي تاريخي لٽريچر ۾ هن ڪتاب جي اهميت ڪلاسڪس واري آهي." (21)

سيد صاحب جو هي سوانحي انداز ۾ لکيل تاريخي مواد مهيا ڪندڙ ڪتاب 1920ع کان وٺي 1950ع تائين جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۽ اهم شخصيتن جو هڪ نهايت اهم رڪارڊ آهي، ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي جديد سنڌ جي مؤرخ ڊاڪٽر حميده کهڙو کي بہ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪرڻو پيو تہ:

”اسان کي ان مواد کان سواءِ ڪيئن خبر پوي ها تہ ڪھڙا ڪھڙا شريف ماڻھو، ڪھڙا اھميت وارا ماڻھو، ڪھڙا پڑھيل لکيل ماڻھو، جيڪي ھن خطي ۾ رھندا ھئا. اھو سڄو مواد سائين جي.ايم.سيد ئي ڏنو.“ (22)

اھڑو ئي ساڳيو اعتراف ھندستان جو سنڌي مؤرخ گنگارام سمراٽ ھن ريت ڪري ٿو:

”سنڌ جي تاريخي خيال کان بہ ھي ڪتاب قيمتي آھي. جن سنڌي مسلمان سياستدانن جي جيون جو ’اڳ ۽ پوءِ‘ اسان کي معلوم ڪونھي، اھو ڄاڻڻ جو ھي بھترين ذخيرو آھي. حقيقت ۾ ھي ان عرصي جي اتھاس لکندڙ لاءِ سٺو رھبر ٿيندو.“ (23)

سيد صاحب جي ھن ڪتاب ۾ سوانح عمري بہ آھي تہ آتم ڪھاڻي وارو پڻ انداز اختيار ڪيل نظر اچي ٿو. خاص طور تي ھمعصر ڪردارن مان اڪثريت جي حالات زندگي ۽ ڪردار بيان ڪرڻ بعد، آخر ۾ ’مون سان تعلقات‘، ’مون سان واقفيت‘ ۽ ’منھنجي واقفيت‘ وغيرہ جھڙن عنوانن ھيٺ، جنھن نموني پنھنجي ڪردارن جو خاڪو پيش ڪيو اٿس، اھو مختلف شخصيتن جي حالات زندگيءَ جي روشنيءَ ۾، سندس پنھنجي آتم ڪھاڻيءَ جي پڻ جھلڪ ڏيکاري ٿو. ڪتاب ۾ مواد جيئن تہ مختلف خيال لکندڙ سياسي سماجي، ادبي ۽ ثقافتي شخصيتن جي زندگيءَ بابت آھي، ان ڪري ھي ڪتاب، ويھين صديءَ واريءَ سنڌ جي علمي ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جو مواد مھيا ڪندڙ بنيادي ماخذ چئي سگھجي ٿو، جيڪو پنھنجي جاءِ تي وڏو ڪم آھي.

ھن ڪتاب ۾ آيل مواد بابت مختلف نامور عالمن جو رايو آھي تہ، اھو سنڌ جي سياسي، سماجي، علمي ادبي تاريخ جو ھڪ اھم ماخذ آھي، ان جو سڀ کان وڏو ثبوت ھيٺين مثال مان ملي ٿو. ورھاڱي کانپوءِ ھندستان سرڪار پاران، ڪلڪتي جي ھڪ تحقيقي اداري ’Institute of Historical Studies‘ جڏھن ھندستان جي 19 صديءَ ۽ ويھين صديءَ جي پھرئين اڌ، يعني 1947ع تائين واري سماج ۾ سياست، تعليم ۽ سماجي ميدانن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ ٻارھن سؤ اعليٰ ترين مدبر اڳواڻن جون سوانح عمريون لکائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جن مان ارڙھن جو تعلق سنڌ سان ھو. سنڌ سان لاڳاپيل ڏاھن/ اڳواڻن بابت مواد لکڻ جي ذميواري شري پرسرام ٿھلراماڻيءَ کي ڏني ويئي. تڏھن گھربل مواد جي ميڙاچونڊيءَ ۾ ھُن سڀ کان وڏي مدد ’جنب گذاريم جن سين‘ تان ورتي، جنھن جو ذڪر ھن سيد صاحب کي 6 مئي 1968ع تي لکيل ھڪ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خط ۾ ڪيو. سندس اهڙو اعترافي بيان، 7 آڪٽوبر 1968ع واري خط مان پڻ ملي ٿو، جنهن ۾ هو سيد صاحب کي لکي ٿو:

”انهن چئني (رئيس پرڳڙي، سيٺ هرچند راءِ وشنداس، الهه بخش ۽ محمد ايوب کهڙو) بابت مکيه مواد توهانجي ڪتاب ’جنب گذاريم جن سين‘ ۾ مان حاصل ڪيو اٿم.“(24)

”آءُ اوهان کي مبارڪ ٿو ڏيان جو اوهان، ’جنب گذاريم جن سين‘ لکي، ملڪ جي وڏي خدمت ڪئي آهي.“ (25)

سيد صاحب هن ڪتاب لکڻ ۾ جنهن فراخدليءَ ۽ وسيع نظريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي اها پڙهندڙن کي وڏيڪ متاثر ڪندڙ آهي، تڏهن ته پراسرام ٺهلراماڻي ڪيس لکي ٿو:

”توهان جي هن ڪتاب جي لکڻين مان توهان جي روشن دماغ، زنده دل، حليم سياءُ، دوستيءَ ۾ ثابت قدمي ۽ قرب جي ساک ملي ٿي. خُدا، سڀ جي ڏٺي تعاليٰ جي مِهر توهان تي رهندي.“ (26)

ڪنهن به مؤرخ ۾ لکڻ واري حوالي سان، جا غير جانبداري ۽ ايمانداري هئڻ گهرجي، ان جا هن ڪتاب جي مواد ۾ جابجا اهڃاڻ نمايان نظر اچن ٿا، ايتري قدر جو سيد صاحب مختلف حوالن سان پنهنجي ذات سان به ڪو رياءُ نه رکيو آهي. پنهنجي عيبن ثوابن تي به دل کولي لکيو اٿس.

تاريخ توڙي سماجي معاملن بابت تحقيق ڪندڙ جو اڻ ڌريو هئڻ تمام ضروري آهي، ٻيءَ صورت ۾ اها لکٽي يڪ طرفي هئڻ ڪري ڪا علمي حيثيت نه رکندي. ان سلسلي ۾ سيد صاحب جي غير جانبدارانه ليکڪ هئڻ کان ڪو ئي به انڪار نه ٿو ڪري سگهي.

سيد صاحب بنا ڪنهن مذهبي ۽ نسلي متڀيد جي، جنهن نموني جو غير جانبداريءَ ۽ سيڪيولر هئڻ وارو انداز اختيار ڪيو آهي ان جي تعريف ڪندي گنگارام سمراٽ، جنهن لاءِ مشهور آهي ته بنياد پرستيءَ واري بوءِ اٿس، اهو به سيد جي سيڪيولر رويي جي تعريف ڪندي لکي ٿو:

”ليکڪ جي نيڪ اخلاقي اها آهي جو پنهنجي هندو استادن کان وٺي هندو رفيقن جو به مناسب ذڪر ڏاڍي وهنوارڪ نموني ۾ ڪيو اٿس ..... جيتري قدر سندس

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ايماندارانه شخصيت ۾ نيڪ خصلت ۾ مذهبي رواداري ڪان آجو هئڻ جو سوال آهي، هو صاحب هڪ سچو فرشتو آهي.“ (27).**

## حوالا


1. سيد، جي. ايم ، ”جنب گذاريم جن سين“، جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1967ع، ص: 3.
2. ساڳيو.
3. ساڳيو.
4. الانا غلام علي، ”جنب گذاريم جن سين، هڪ اهم ادبي ڪاوش“ (۾) سمند سوجهياڻون، مرتب: آزاد قاضي، جي. ايم سيد فائونڊيشن ڪراچي، 2004ع، ص: 143.
5. سيد، جي. ايم ، ”جنب گذاريم جن سين“، جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1967ع، ص: 4.
6. راشدي، حسام الدين، ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2007ع، ص: 236.
7. سيد، جي. ايم ، ”جنب گذاريم جن سين“، جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1967ع، ص: 633.
8. ساڳيو.
9. سيد. جي. ايم، ”واڄٽ ويراڳين جا“، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد، 1987ع، ص: 254.
10. ساڳيو، ص: 280.
11. سيد، جي. ايم ، ”جنب گذاريم جن سين“، جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1967ع، ص: 5.
12. ساڳيو.
13. ساڳيو.
14. ساڳيو، ص: 4.
15. سيد. جي. ايم، ”ڪجھ خط“، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، 1985ع، ص: 268.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

16. ساڳيو، ص: 275.

17. سيد، جي. ايم ، ”جنب گذاريم جن سين“، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1967ع، ص: 5.

18. پنھور، ايم. ايڇ، تقرير (ھ)، ”ورچي نہ ويٺي“، مرتب: آزاد قاضي، جي. ايم سيد فائونڊيشن ڪراچي، 2003ع، ص: 159.

19. سمراٽ، گنگارام، ”سمالوچنا“، ٽہ ماهي سنڌو، بولچند واسواڻي ڪبيرنگر، احمدآباد، 1967ع، ص: 120.

20. ساڳيو.

21. لاکو، غلام محمد، ”جي. ايم. سيد ۽ سنڌ جي تاريخ“، جي. ايم. سيد فائونڊيشن، ڪراچي، 2004ع، ص: 305.

22. کهڙو، حميده، ڊاڪٽر، تقرير (ھ) ”ورچي نہ ويٺي“، مرتب: آزاد قاضي، جي. ايم. سيد فائونڊيشن، ڪراچي، 2003ع، ص: 34.

23. سمراٽ، گنگارام، ”سمالوچنا“، ٽہ ماهي سنڌو، بولچند واسواڻي ڪبيرنگر، احمدآباد، 1967ع، ص: 120.

24. سيد، جي، ايم، ”اڄ پڻ چڪيم چاڪ“، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 1977ع، ص: 349.

25. ساڳيو، ص: 350.

26. ساڳيو، 343.

27. سمراٽ، گنگارام، ”سمالوچنا“، ٽہ ماهي سنڌو، بولچند واسواڻي ڪبيرنگر، احمدآباد، 1967ع، ص: 120.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair